# قرباني ڇو ڪندا آهيون؟

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: قرباني ڇو ڪندا آهيون؟

ڇاپو پهريون: ذِي القعده 1442هـ جولاءِ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# قرباني ڇو ڪندا آهيون؟

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## قرباني ڇو ڪندا آهيون؟ 2

قرباني ڇو ڪندا آهيون؟ .......................................... 1
دعاءِ عطار: .......................................... 1
درود شريف جي فضيلت .......................................... 1
قرباني الله پاڪ جي حڪم تي .......................................... 1
عمل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي .......................................... 1
قرباني ڪنهن تي واجب آهي .......................................... 2
ڇا مسافر تي قرباني واجب آهي؟ .......................................... 3
قرباني جي جانورن جي عُمر .......................................... 3
جو اعتبار آهي يا ڏندن جو؟ .......................................... 3
جانور ٻن ڏندن وارو آهي يا وڏيڪ وارو .......................................... 5
اها سڃاڻپ ڪيئن ڪجي؟ .......................................... 5
وڏن جانورن کي نندين ڳاڏين ۾ چاڙهڻ ڪيئن؟ .......................................... 6
ڪهڙي ڏينهن قرباني ڪرڻ افضل آهي؟ .......................................... 7
شڪنجي ۾ ڦاسائي جانور ذبح ڪرڻ ڪيئن؟ .......................................... 8
قرباني جي جانور جا وار ۽ اُن وغيره ڪٽڻ ڪيئن؟ .......................................... 9
بي وضو يا بي نمازي جو ذبيحو .......................................... 10
اجتماعي قرباني جا احتياط .......................................... 11

اوڌارا پيسا وٺي قرباني ڪرڻ ڪيئن؟ ........ 12
محرم الحرام ۾ قرباني جو گوشت کائي سگهون ٿا؟ ........ 12
قرباني جي جانور جي گوشت جا ٽي حصا ڪرڻ ........ 13
قرباني ڪنهن تي واجب آهي؟ ........ 13
قرباني جي جانور جي قيمت ٻڌائڻ ........ 14
مناسب آهي يا خاموشي اختيار ڪرڻ؟ ........ 14
ڪهڙي جانور جي قرباني باعثِ فضيلت آهي؟ ........ 16
فوت ٿيل والدين جي نالي جي قرباني جو حڪم ........ 17
ڇا قرباني جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو؟ ........ 17
ڇا قرباني جي قضا به ٿي سگهي ٿي؟ ........ 17
قرباني واجب هجي پر رقم نه هجي ته ڇا ڪري؟ ........ 18
قرباني جي جانور جي ڳچي ۾ گهنٽي ........ 18
۽ پيرن ۾ گهنگهرو ٻَڌڻ جو حڪم ........ 18
جانورن جي ڳچي ۾ گهنٽي ۽ ........ 20
پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌڻ جا فائدا ........ 20
گهٽ عمر واري ٿلهي جانور جي قرباني جو حڪم ........ 20
جيترن ڄڻن تي قرباني واجب هجي انهن سڀني کي قرباني ڪرڻي پوندي ..... 21

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قرباني ڇو ڪندا آهيون؟

**دعاءِ عطار:**

ياالله پاڪ جيڪو مڪمل رسالو ”قرباني ڇو ڪندا آهيون؟“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي هرسال خوش دلي سان قرباني ڪرڻ جي سعادت عطا فرماءِ ۽ اُن جي قرباني کي ان جي لاءِ پلصراط جي سواري بڻاءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: اي انسانو بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود پڙهيا هوندا. (مسند الفردوس، 471/2، حديث:8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي

**سوال:** اسان قرباني ڇو ڪندا آهيون.؟

**جواب:** قرباني جو حڪم الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏنو آهي ۽ اها ڪجھ شرائط سان مسلمانن تي واجب ٿيندي آهي انهيءَ ڪري اسان قرباني ڪندا آهيون ۽ ان شاءالله ڪندا رهنداسون. الله پاڪ قرباني جو حڪم ڏيندي قرآنِ ڪريم ۾

ارشاد فرمايو:

فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ﴿٢﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ”پوءِ پنهنجي رب جي واسطي نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر“ (پ30،الڪوثر:2)

تہ هن اللّٰہ پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ اسان قرباني ڪندا آهيون. (هن موقعي تي مدني مذاڪري ۾ موجود مفتي صاحب فرمايو:) هن آيتِ مبارڪ ۾ بہ قرباني جو ذڪر آهي:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾

ترجمو ڪنز الايمان: تون فرماءِ بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سمورو اللّٰہ جي واسطي آهي جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي. (پ٨،الانعام:١٦٢)

انهيءَ طرح جڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ اهي قربانيون ڇا آهن؟ تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ’سُنَّةُ اَبِيْكُمْ اِبْرَاهِيْم‘ (قرباني ڪرڻ) توهان جي پيءُ ابراهيم جو طريقو آهي. (ابن ماجه 531/3، حديث: 3127) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو قرباني ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي ۽ قرباني نہ ڪري تہ اهو اسان جي عيد گاهہ جي قريب نہ اچي. (ابن ماجه،529/3، حديث: 3123)

## قرباني ڪنهن تي واجب آهي

**سوال:** قرباني ڪنهن تي واجب آهي؟

**جواب:** 10 ذُوالحِجّةِ الحرام جي پرهہ ڦٽي کان وٺي 12 ذُوالحِجةِ

الحرام جي سج لهڻ جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو مسلمان عاقل، بالغ، مقيم ۽ صاحب نصاب هجي ۽ اهو نصاب ان جي قرض ۽ ضرورياتِ زندگي ۾ گهيريل نہ هجي تہ هن صورت ۾ قرباني واجب ٿيندي.

## ڇا مسافر تي قرباني واجب آهي؟

**سوال:** ڇا مسافر تي قرباني واجب آهي؟

**جواب:** جيڪو شرعي طور مسافر آهي اُن تي قرباني واجب ناهي.

## قرباني جي جانورن جي عُمر جو اعتبار آهي يا ڏندن جو؟

**سوال:** ڇا اهڙي جانور جي قرباني جائز آهي جيڪو پنهنجي قرباني جي عمر تہ پوري ڪري چڪو هجي پر اُن جا ڏند نہ نڪتا هجن؟ عيدالاضحيٰ جي موقعي تي واپاري گراهڪن کي چوندا آهن تہ اسان جي هن جانور کي جيتوڻيڪ ڏند ناهن نڪتا پر هيءُ قرباني جي عمر تائين پهچي چڪو آهي تہ گراهڪ اهو جانور خريد ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن هوندا ۽ چوندا آهن تہ ڏند نڪرڻ ضروري آهي، جيڪڏهن اهو ئي جانور واپاري اَڌ قيمت تي ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي تہ ان کي خريدي وٺندا آهن، انهن جو ائين ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** جيڪي جانور قرباني جي عمر تائين پهچي چڪا هجن انهن جي قرباني جائز آهي جيتوڻيڪ انهن جا ڏند نہ نڪتا هجن. قرباني جي جائز هجڻ جي لاءِ اُٺ جي عمر گهٽ مان گهٽ پنج سال، ڳئون جي ٻہ سال، ۽ ٻڪر، ٻڪري، گهيٽي ۽ رڍ جي هڪ سال هئڻ ضروري آهي. البتہ جيڪڏهن ڇهن مهينن جو گهيٽو ايترو وڏو

هجي جو ڀري ڪان ڏسڻ ۾ سال جو معلوم ٿئي ته ان جي قرباني بہ جائز آهي. ياد رکو! قرباني جائز هئڻ جي لاءِ جانورن جي عمر پوري هئڻ ضروري آهي، نہ وري ڏند نڪرڻ ڇوته جيڪي جانور آزاد گهمي ڦري چرندا ۽ گاهہ پٽي کائيندا آهن اهي مسلسل ڏندن سان گاهہ ڇڪيندي رهڻ سبب قرباني جي عمر پوري ٿيڻ کان پهريان ئي ڏند ڪڍي وٺندا آهن ۽ جيڪي جانور ٻڌل هوندا آهن اهي بعض اوقات عمر پوري ٿيڻ جي باوجود بہ ڏند ناهن ڪڍي سگهندا. جانورن جي عمر جي معاملي ۾ ماڻهو واپارين تي انهيءَ ڪري ڀروسو ناهن ڪندا جو ڪثرت سان ڪوڙ ۽ ڌوکي بازي جي سبب انهن واپارين تان اعتماد کڃي ويندو آهي. ڪجهہ واپاري جانورن جي ڪٽيل ڀچ تي ٽيپ چاڙهي ڇڏيندا آهن ۽ جنهن رنگ جا وار هوندا آهن ٽيپ تي بہ اهو ئي ڪلر ڪندا آهن جنهن جي ڪري خريدار کي خبر ناهي پوندي تہ جانور جو ڀڇ ڪٽيل آهي. ۽ پوءِ جڏهن اهو ويچارو جانور کي گهر کاهي وڃي ڀڇ مان پڪڙيندو آهي تہ ڀڇ پٽجي ان جي هٿ ۾ اچي ويندو آهي. انهيءَ طرح ڪجهہ واپاري جانورن جا ڏند ڏيکاريندي بہ ڌوکي کان ڪم وٺندا آهن. جيتوڻيڪ سڀئي واپاري ڌوکي باز ناهن هوندا پر ماڻهو ايماندار واپارين تي بہ انهيءَ ڪري ڀروسو ناهن ڪندا جو نانگ جو ڏنگيل نوڙيءَ کان بہ ڊڄندو آهي جيڪڏهن واپاري باشرع ۽ نيڪ انسان آهي ۽ اهو چئي ٿو تہ جانور جي عمر پوري آهي، گراهڪ کي ان تي اعتماد آهي تہ اهو جانور جي عمر ٻڌائڻ ۾ ڪوڙ ناهي ڳالهائي رهيو تہ ان صورت ۾ جيڪڏهن گراهڪ اُن کان جانور خريد ڪري قرباني ڪري ڇڏي تہ اُن جي قرباني ٿي ويندي جيتوڻيڪ ڏند نہ نڪتا

هجن. بهتر اهو آهي تہ قرباني جو جانور چاهي ڳئون هجي يا ٻڪر چار ڏند هئڻ گهرجن، ٻڪر جيڪڏهن ڇئن ڏندن وارو هجي تہ ان جو گوشت لذيذ هوندو آهي پر اسان وٽ ٻن ڏندن جي رسم هلي پئي آهي. جانور خريدڻ وارا بہ ٻن ڏندن واري جانور جو مطالبو ڪندا آهن ۽ واپاري بہ ٻن ڏندن جي صدا هڻندا آهن. بعض اوقات جانور 8 ڏند(يعني وڏي عمر) وارو هوندو آهي پر واپاري خريدار کي صرف بہ ڏندا واضع ڪري ڏيکاريندا آهن ۽ باقي ڏند پنهجي آڱر سان لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ يڪدم جانور جو وات بند ڪري ڇڏيندا آهن. رهي اها ڳالهہ تہ جنهن جانور جا گهٽ عمر جي ڪري ڏند ناهن نڪرندا ماڻهو ان کي اڌ قيمت تي خريد ڪندا آهن تہ اهي اڌ قيمت تي خريدڻ وارا شايد گوشت وڪڻندڙ هوندا جيڪي اهڙن جانورن کي قرباني جي لاءِ نہ بلڪ ذبح ڪري ان جو گوشت وڪڻڻ جي لاءِ خريدي وٺندا هوندا.

## جانور ٻن ڏندن وارو آهي يا وڌيڪ وارو، اها سڃاڻپ ڪيئن ڪجي.؟

**سوال:** جانور ٻن ڏندن وارو آهي يا وڌيڪ وارو، ان جي سڃاڻپ ڪيئن ڪجي.؟

**جــواب:** جانور ٻن  ڏندن وارو آهي يا وڌيڪ ڏندن وارو، ان جي سڃاڻپ اها آهي تہ جيڪي ڏند چڱي طرح نڪتل ناهن هوندا اهي سيئي ننڍي لائن ۾ اڀاڻ جيان نظر ايندا آهن ۽ جيڪي ڏند نڪتل هوندا آهن اهي هن اڀاڻ کان ٿورو هٽي ڪري اُپريل جڳهہ کان نڪرندا آهن ۽ ڪشادا هوندا آهن ۽ ان تي ڪجهہ پيلاڻ هوندي آهي.

جيڪڏهن جانور 8 ڏندن وارو بلڪل ضعيف آهي تہ ان جا اٺ ئي ڏند هڪ ئي لائن ۾ نظر ايندا ۽ انهن تي پيلاڻ بہ نظر ايندي. بهرحال جانور جي ڏندن جي سڃاڻپ هرهڪ نٿو ڪري سگهي تنهنڪري جانور خريدڻ وقت تجربيڪار ماڻهن جو ساڻ هجڻ گهڻو فائديمند آهي.

## وڏن جانورن کي ننڍين گاڏين ۾ چاڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** قرباني جي جانورن کي منڊي مان خريد ڪري گهر آڻڻ جي لاءِ گاڏين جي ضرورت پوندي آهي، ڪي ماڻهو پيسا بچائڻ جي لاءِ وڏن جانورن کي بہ ننڍين گاڏين ۾ زبردستي چاڙهي، ليٽائي ڪري ۽ رسين سان ٻڌي آڻيندا آهن جنهن جي ڪري جانورن کي تمام گهڻي تڪليف ٿيندي آهي ۽ بعض اوقات اهي شديد زخمي بہ ٿي پوندا آهن هن بابت ڪجھ مدني گل ارشاد فرمايو.

**جواب:** جهڙي طرح انسان کي تڪليف ڏيندڙ شين کان اَذيت پهچندي آهي ۽ اهو پاڻ کي ان کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ظاهر آهي تهڙي طرح جانورن کي بہ تڪليف ڏيندڙ شين کان اَذيت پهچندي آهي. چند پيسن خاطر ائين وڏن جانورن کي ننڍين گاڏين ۾ زبردستي چاڙهي ڪري ۽ رسين سان ٻَڌي هرويرو جانورن کي اِيذا ڏيڻ ۽ انهن تي ظلم ڪرڻ آهي. جانورن تي ظلم ڪرڻ مسلمانن تي ظلم ڪرڻ کان بہ سخت تر آهي ڇوتہ مسلمان تہ مقابلو ڪري سگهي ٿو، عدالت ۾ وڃي ڪيس ڪندو ان کان علاوه گهڻو ڪجھ

ڪري سگهي ٿو. پر اهو بي زبان جانور ڪنهن جي اڳيان فرياد ڪندو.[1]

ياد رکو! مظلوم جانور بلڪ مظلوم ڪافر جي بہ بددعا قبول ٿيندي آهي. جن ائين ڪيو آهي اهي توبہ ڪن ۽ آئنده هرگز هن طرح جو انداز نہ اختيار ڪن. (ترتيب المدارڪ،124/1)

## کهڙي ڏينهن قرباني ڪرڻ افضل آهي؟

**سوال:** عيد جي کهڙي ڏينهن قرباني ڪرڻ افضل آهي...؟

**جواب:** عيد جي ٽنهي ڏينهن ۾ قرباني ڪرڻ جائز آهي البتہ پهرين ڏينهن قرباني ڪرڻ افضل آهي. عيد جي پهرين ڏينهن عام طور ڪاسائي وڏيڪ پيسا وٺندا آهن تہ ڪجھ ماڻهو ٿورا پيسا بچائڻ جي لاءِ افضل عمل ڇڏي ڪري عيد جي ٻي يا ٽئين ڏينهن قرباني ڪندا آهن. ائين ڪجھ پيسن جي خاطر ايترو مهانگو جانور آڻڻ جي باوجود پهرين ڏينهن قرباني ڪرڻ جي فضيلت ماڻڻ کان پاڻ کي محروم ڪندا آهن. پهرين ڏينهن ڪاسائي جو وڏيڪ رقم وٺڻ جيتوڻيڪ نفس کي ڏکيو لڳندو آهي پر اسان کي پنهنجو ائين ذهن بڻائڻ گهرجي تہ جيڪو نيڪ عمل نفس تي جيترو وڏيڪ ڳرو گذرندو آهي ان جو ثواب بہ اوتروئي وڏيڪ عطا ڪيو ويندو آهي.

(سفر حج کی احتیاطیں، ص 24)

---

[1] (جانور تي ظلم ڪرڻ ذمّي ڪافر تي(هاڻي دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان وڏيڪ برو آهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ برو آهي ڇوتہ جانور جو معين و مددگار الله پاڪ کان سواءِ ناهي.
(درمختار، ڪتاب الحظر والاباحة،663/9)

ياد رکو! عيدالاضحيٰ جي ڏينهن جانور ذبح ڪرڻ کان وڌيڪ افضل ڪو عمل ناهي. تنهنڪري ڪا مجبوري نه هجي ته پهرين ڏينهن ئي قرباني ڪئي وڃي جيتوڻيڪ ڪجهه رقم وڌيڪ خرچ ٿيندي پر ان کي نقصان نه سمجهيو وڃي بلڪ ان جي عيوض آخرت ۾ ملڻ واري عظيم ثواب تي نظر رکي وڃي. ڪنهن جي گهر ۾ ٻئي يا ٽئين ڏينهن دعوت ٿيندي آهي انڪري اهو پهرين ڏينهن ناهي ڪندو ته ان کي گهرجي ته پهرين ڏينهن قرباني ڪري ان جو گوشت فريج ۾ رکي ڇڏي ۽ اڳئي ڏينهن دعوت ۾ استعمال ڪري وني ڇوته هڪ ٻن ڏينهن ۾ گوشت جي ذائقي ۾ ڪو خاص فرق ناهي پوندو. فقط نفس جي لذت جي لاءِ پهرين ڏينهن قرباني جي عظيم ثواب کان محروم ٿي وڃڻ عقلمندي ناهي بلڪ محرومي آهي. جهڙي طرح تاجر مال جي نفعي تي نظر رکندو آهي انهيءَ طرح هرمسلمان کي گهرجي ته اهو مال جي نفعي کان وڌيڪ نيڪين جي نفعي تي نظر رکي. ۽ ان جي لاءِ ڪوشش به ڪندو رهي.

## شڪنجي ۾ ڦاسائي جانور ذبح ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** يورپي ملڪن ۾ ننڍي جانور کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ خاص شڪنجي ۾ ڦاسايو ويندو آهي ته جيئن رسين سان ٻڌڻ ۽ پڪڙي رکڻ جي مشقت کان بچي سگهجي، ائين ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** ٻڪري ۽ گهيٽي وغيره کي مخصوص شڪنجي ۾ ڦاسائي ذبح ڪرڻ ۾ ويسے ته ڪو حرج ناهي پر هڪ سنت ترڪ ٿي ويندي آهي اهو ائين ته ذبح ڪرڻ وارو پنهنجو ساڄو پير جانور جي گردن

جي ساڄي حصي (يعني گردن جي قريب پاسي) تي رکي ۽ ذبح ڪري. البته ان شڪنجي ۾ ڦاسائڻ جو هڪ فائدو اهو به آهي ته جانور ڪيترن ئي غير ضروري تڪليفن کان بچي ويندو آهي مثال طور: ڪجھ ماڻهو ٻڪر کي گردن مان پڪڙي زمين تي اڇليندا آهن يا پٿريلي زمين تي ڪيرائيندا آهن جيڪا يقيناً بلاوجھ جو ايذاء پهچائڻ آهي. پر هن خاص شڪنجي جي ذريعي ليٽائڻ ۾ اهي ٻئي تڪليفون ڪونه ٿينديون. پڻ هن شڪنجي جي بناوت اهڙي آهي جو جانور کي ليٽائي پيٽ کان قابو ۾ آندو ويندو آهي ۽ پير آزاد هوندا آهن، اهو ته طبي لحاظ سان به سهي آهي انڪري جو جانور جيترو وڌيڪ ڦٿڪندو اوترو ئي صحت کي نقصان پهچائيندڙ خون وهي ويندو. جانور کي شڪنجي ۾ جڪڙي ذبح ڪيو يا رسين سان ٻڌي ڪري، بهرحال جانور کي بيجا تڪليف ڏيڻ جي هرگز اجازت ناهي. جيڪي ماڻهو ٻڪر کي ذبح ڪري منڊي موڙي ڇڏيندا آهن يا وڏي جانور کي ڄرو هٽي دل جون رڳون ڪٽي ڇڏيندا آهن يا ذبح ڪندي وقت هڏي تي ڇري هڻندا آهن ته انهن کي هن کان بچڻ ضروري آهي. الله نه ڪري مرڻ کان پوءِ اهو ئي جانور مسلط ڪيو ويو ته پوءِ ڇا ٿيندو.؟

## قرباني جي جانور جا وار ۽ اُن وغيره ڪٽڻ ڪيئن؟

**سوال:** قرباني جي ڪجھ جانورن جي جسم تي تمام وڏا وڏا وار هوندا آهن، انهن کي ذبح ڪندي وقت جيڪڏهن دشواري ٿي رهي هجي ته ڇا انهن وارن کي ڪٽي سگهون ٿا؟ جيڪڏهن اهي وار ڪٽي ڇڏيا ته انهن وارن جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** قرباني جي جانور جا وار ۽ اُنّ وغيره ڪٽڻ مڪروه آهي. جيڪڏهن ڪنهن وار يا اُنّ وغيره ڪٽي ڇڏيا تہ انهن سيني شين کي نہ تہ اهو پنهنجي استعمال ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن غني کي ڏئي سگهي ٿو بلڪ انهن وارن ۽ اُنّ وغيره کي ڪنهن شرعي فقير تي صدقو ڪرڻو پوندو. رهي ڳالهہ ذبح جي وقت دشواريون پيش اچڻ جي تہ ان جي لاءِ سڄي جسم جا وار ڪٽڻ تہ پري جي ڳالهہ رهي ڳلي جا وار ڪٽڻ جي بہ ضرورت ناهي پوندي بلڪ ڳلي وغيره تي پاڻي وغيره هاري جڳهہ بڻائي سگهجي ٿي.

## بي وضو يا بي نمازي جو ذبيحو

**سوال:** ڪاسائي عام طور بي وضو، بي نمازي ۽ ڏاڙهي ڪوڙيل هوندا آهن تہ ڇا انهن کان جانور ذبح ڪرائڻ درست آهي؟ پڻ جانور کي ذبح ڪرڻ جا ڪجهہ مدني گل بہ بيان فرمائي ڇڏيو.

**جواب:** جانور ذبح ڪرڻ جي لاءِ باوضو، نمازي ۽ ڏاڙهي وارو هجڻ شرط ناهي جيڪڏهن ڏاڙهي ڪوڙيل، بي وضو ۽ بي نمازي شخص بہ جانور ذبح ڪيو تڏهن بہ جانور حلال ٿي ويندو.

❖ ذابح (يعني ذبح ڪرڻ واري) جو مرد هجڻ بہ شرط ناهي، عورت يا سمجهہ دار ٻار بہ ذبح ڪري سگهن ٿا البتہ جيڪو بہ ذبح ڪري ان کي ذبح جي وقت الله پاڪ جو نالو وٺڻ ضروري آهي.
(درمختار مع ردالمختار،496/9، ماخوذاً)

❖ جيڪڏهن ڪنهن ڄاڻي واڻي الله پاڪ جو نالو ڇڏي ڏنو مثال طور بہ ماٺهو ملي ڪري ذبح ڪري رهيا هئا. هڪ اهو سوچي الله پاڪ جو نالو نہ ورتو تہ بي چئي ڇڏيو آهي منهنجو چوڻ ضروري

ناهي تہ جانور مردار ٿي ويندو. (درمختار مع ردالمحتار،499/9) ❖ ذبح جي وقت ”بسم الله اڪبر“ جا الفاظ چوڻ بهتر آهي، شرط ناهي تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن صرف لفظ ”الله“ چئي ڇري هلائي تڏهن بہ جانور حلال ٿي ويندو. (فتاوىٰ هنديه،285/5) ❖ جيڪڏهن وسري وڃڻ سبب الله پاڪ جو نالو نہ ورتو تڏهن بہ حلال ٿي ويندو. (هدايه،347/2)

## اجتماعي قرباني جا احتياط

**سوال:** اجتماعي قرباني ڪرڻ وارن تي ڪهڙيون ڪهڙيون شرعي ذِمّيداريون عائد ٿين ٿيون.؟

**جواب:** اجتماعي قرباني جا مسئلا تمام گهڻو منجهيل ۽ مشڪل آهن تنهنڪري اجتماعي قرباني ڪرڻ وارن جي لاءِ لازم آهي تہ اهي اجتماعي قرباني بابت ضروري مسئلا سکن يا وري علماءِ ڪرام جي مڪمل رهنمائي ۾ قرباني ڪن. بدقسمتي سان ماڻهن قرباني کي هڪ ڪاروبار بڻائي ورتو آهي، بعض ادارا بہ علماءِ ڪرام کان رهنمائي ونڻ بنا اجتماعي قرباني ڪندا آهن ۽ واضح غلطيون ڪري ماڻهن جون قربانيون ضايع ڪري ويهندا آهن. هرهڪ کي عذابِ آخرت کان ڊڄڻ گهرجي ۽ شرعي تقاضا پورا ٿيڻ کان پوءِ ئي اجتماعي قرباني ۾ هٿ وجهڻ گهرجي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي ۾ اجتماعي قرباني دارالافتاء جي مڪمل رهنمائي سان ئي ٿيندي آهي. ملڪ توڙي بيروني ملڪ اجتماعي قرباني جو ارادو رکڻ وارن ذميدارن جي پهريان تربيت ٿيندي آهي. پوءِ تربيتي نشت ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو امتحان ٿيندو آهي ۽ جيڪي امتحان ۾ پاس ٿيندا آهن انهن کي مدني مرڪز جي طرفان

اجتماعي قرباني ڪرڻ جي اجازت ملندي آهي. پڻ دارالافتاء جي طرفان ”**اجتماعي قرباني جا مدني گل**“ جي نالي سان هڪ رسالو به شايع ٿي چڪو آهي.

## اوڌارا پيسا وٺي قرباني ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن وٽ پيسا نه هجن ته ڇا اهو اوڌارا پيسا وٺي قرباني ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جيڪڏهن قرباني واجب ٿي چڪي آهي ۽ روڪ پيسا ناهن ڪاروبار ۾ لڳل آهن يا ڪوئي مال خريدي ڇڏيو آهي جنهن کي وڪڻڻ نٿو چاهي ته هاڻي جيڪڏهن ڪنهن کان پيسا اوڌارا وٺي قرباني ڪري ورتي ته حرج ناهي. البته جيڪڏهن قرباني واجب ناهي ته ظاهر آهي اوڌارا پيسا وٺي قرباني ڪرڻ ضروري ناهي پر جيڪڏهن قرباني ڪئي ته ثواب ملندو پر ائين ڪرڻ وڏي آزمائش آهي جو قرض ڏئي نه سگهندو ۽ ائين لڙائي جهيڙن جا مسئلا به ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري مشورو اهو آهي ته جيڪڏهن قرباني واجب نه هجي ته صرف قرباني ڪرڻ جي لاءِ قرض نه ورتو وڃي.

## محرم الحرام ۾ قرباني جو گوشت کائي سگهون ٿا؟

**سوال:** ڇا قرباني جو گوشت عيدالاضحيٰ گذرڻ کان پوءِ به کائي سگهون ٿا؟ پڻ بعض ماڻهو چون ٿا ته مُحَرَّمُ الحرام جو چنڊ نظر اچي وڃي ته گهر ۾ گوشت نه پچائڻ گهرجي ۽ قرباني جو گوشت به يڪم محرم الحرام کان پهريان پهريان ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. توهان هن حوالي سان اسان جي رهنمائي فرمايو.

**جواب:** قرباني جو گوشت اگر ڪو سڄو سال به کائڻ چاهي ته کائي

سگهي ٿو اهو جائز آهي. مُحَرَّمُ الحرام ۾ به قرباني جو گوشت ۽ ان کان علاوه جانور ذبح ڪري ان جو گوشت به کائي سگهجي ٿو.

## قرباني جي جانور جي گوشت جا ٽي حصّا ڪرڻ

**سوال:** قرباني جي جانور جي گوشت جا ٽي حصّا ڪيا ويندا آهن، ڇا شريعت ۾ هن جي ڪا دليل آهي؟

**جواب:** بهارِ شريعت پندرهين حصي ۾ قرباني جا مسئلا لکيل آهن، هن ۾ قرباني جي جانور جي گوشت جا ٽي حصّا ڪرڻ مستحب لکيل آهي. مثلاً ٻڪرو آهي ته هن ۾ ٽي حصّا ڪري ونو، هڪ حصّو قرباني ڪرڻ وارو پنهنجي استعمال ۾ آڻي، ٻيون حصو رشتيدارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي ۽ ٽيون حصو غريبن ۾ ورهائي ته اهو مستحب آهي. (بهارِ شريعت344/3، حصو:15. فتاويٰ هنديه،300/5) جيڪڏهن پورو ٻڪرو پاڻ رکي ڇڏيائين يا سڄو ورهائي ڇڏيو يا سڄو ٻڪرو ڪنهن کي ڪٽي ڏئي ڇڏيائين ته اهي سڀئي صورتون به جائز آهن.

## قرباني ڪنهن تي واجب آهي؟

**سوال:** گهر ۾ ٻه ڪمائڻ وارا آهن جيڪي تقريباً 20 هزار تائين ڪمائن ٿا ڇا انهن تي قرباني واجب ٿيندي؟

**جواب:** 20,30 هزار ڪمائڻ جو مسئلو ناهي هن طرح ته ماڻهو هڪ لک به ڪمائيندا هوندا ۽ سڄي رقم خرچ ٿي ويندي هوندي. ڪو 10 هزار ۾ گزارو ڪري وٺندو هوندو ۽ ڪنهن جو ڏهه لکن ۾ به گذارو مشڪل سان ٿيندو هوندو، ڪنهن وٽ اڄ جو ڪاڏو هوندو ته سڀاڻي جو ڪونه هوندو، سڀاڻي جو هوندو ته پرهين جو ڪونه هوندو لهٰذا

ڪيترو ڪمائي ٿو اهو بنياد ناهي بلڪ بنياد اهو آهي تہ 10 ذُالْحِجَّةِ الحرام جي پرھ ڦٽي (کان وٺي 12 ذالحجة الحرام جي سج لهڻ تائين) جي وقت ۾ جيڪو غني ٿيو يعني ضرورتن کان علاوه ان وٽ نصاب[1] جي برابر رقم وغيره موجود هجي ۽ قرض ۾ ٻڌل بہ نہ هجي تہ قرباني واجب ٿيندي.[2]

## قرباني جي جانور جي قيمت ٻڌائڻ

## مناسب آهي يا خاموشي اختيار ڪرڻ؟

**سوال:** جڏهن اسان قرباني جي لاءِ ڪو جانور مثلاً ڳئون يا ٻڪر وٺي ايندا آهيون تہ اڪثر ماڻهو هرهر اهو سوال پڇندا آهن تہ گهٽي ۾ ورتو اٿوَ؟ اهڙي صورت ۾ قيمت ٻڌائڻ مناسب آهي يا خاموشي اختيار ڪرڻ ڇوتہ قيمت ٻڌائڻ ۾ پنهنجي وڏائي جو پهلو بہ نڪري ٿو تہ مان تہ پنجهتر هزار(75000) ۾ وٺي آيو آهيان يا مان تہ ٻہ لک(200000) ۾ آندو آهي وغيره؟

---

[1] (قرباني جو نصاب اهو آهي تہ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا 52 تولا چاندي برابر ماليت جي رقم، يا ايتري ماليت جو واپار جيڪو ساڍا 52 تولا چاندي جي رقم تائين پهچي يا گهر ۾ حاجتِ اصليہ کان علاوه ايترو سامان رکيل هجي جيڪو ساڍا 52 تولا چاندي جي رقم تائين پهچي وڃي ٿو يا اهو سڀ ملائي ساڍا 52 تولا چاندي جي رقم تائين پهچي وڃي تہ ان صورت ۾ قرباني واجب ٿي ويندي.) (فتاويٰ هنديہ،292/5. بهارِ شريعت،333/3، حصو:15)

[2] (هي ضروري ناهي تہ ڏهين جي ڏينهن ئي قرباني ڪري، ان جي لاءِ گنجائش آهي تہ پوري وقت ۾ جڏهن چاهي ڪري، تنهنڪري جيڪڏهن ابتدائي وقت ۾ (10 ذوالحج جي صبح) ان جو اهل نہ هو، وُجُوب جا شرط نہ پاتا ويا ۽ آخري وقت ۾ (يعني 12 ذوالحِجَّہ جي سج لهڻ کان پهريان) اهل ٿي ويو يعني وُجوب جا شرط پاتا ويا تہ ان تي قرباني واجب ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ابتدائي وقت ۾ واجب هئي ۽ اجا (قرباني) ڪئي نہ ۽ آخري وقت ۾ شرط ويندا رهيا تہ (قرباني) واجب نہ رهي.) (بهارِ شريعت،334/3، حصو:15)

**جواب:** ظاھر آھي جڏھن ڪو جانور جي قيمت پڇندو ۽ توھان ان کي چوندؤ تہ مان نٿو ٻڌايان تہ ان جي دل ٽٽندي ۽ ان کي برو لڳندو ان ڪري ڪو پڇي تہ قيمت ٻڌائي ڇڏيو. اوھان کي بہ تہ جانور ڪاھي گھمڻ جو شوق آھي، جڏھن توھان شوق پورو ڪري رھيا آھيو، جانور آڻي پنھنجي دروازي اڳيان ٻڌي رھيا آھيو، ان کي گلن جا ھار پارائي رھيا آھيو ۽ ان کي سجائي رکيو آھي تہ جڏھن ايتري نمائش توھان پاڻ ڪرائي رھيا آھيو تہ پوءِ ماڻھو تہ پڇندا ئي تہ گھٽي ۾ ورتو اٿوَ؟ جيڪڏھن توھان جانور جي نمائش نہ ڪيو ۽ ان کي لڪائي رکو تہ ايترن ماڻھن کي خبر ڪانہ پوندي ۽ پوءِ گھٽ ماڻھو پڇندا يا صرف اھو پڇندا تہ توھان قرباني جي لاءِ جانور ورتو آھي يا نہ؟ جيڪڏھن توھان جواب ھائو ۾ ڏيندؤ تہ پڇندا: گھٽي ۾ ورتو اٿوَ؟ ۽ جيڪڏھن توھان چوندؤ: اڃا تہ ناھي ورتو، تہ پڇندا: ڪيتري تائين وٺڻ جو اِرادو آھي؟ بھرحال عوام کي پڇڻو ئي آھي. حالانڪ اھو پڇڻ فضول ھوندو آھي ۽ بعض اوقات فضول ناھي بہ ھوندو جيئن ڪو انھيءَ ڪري پڇي ٿو تہ جيئن ان کي اھا خبر پئي تہ اڄڪلھ جانور جي ڪيتري قيمت ھلي پئي ۽ ھن طرح جو جانور گھٽي ۾ ملي ٿو؟ ڇوتہ ان کي بہ جانور وٺڻ لاءِ منڊي ۾ وڃڻو آھي تہ اھو سٺي نيت سان پڇڻ آھي ۽ اگر ھرويرو پڇڻو آھي جيئن ماڻھو جستجو طور پڇندا آھن تہ اھو پڇڻ فضول ٿيو ۽ فضول گفتگو کان بچڻ سٺو آھي پر اھو پڇڻ ھاڻي بہ گناھ ناھي لھٰذا جيڪڏھن ڪنھن توھان سان جانور جي قيمت پڇي ورتي تہ توھان ان جي دل خوش ڪرڻ جي نيت سان ان کي صحيح صحيح ٻڌائي ڇڏيو ان جي دل خوش ٿي ويندي، نہ ٻڌائيندؤ تہ ان جي دل ٽٽي

پوندي البته پڇڻ وارن کي به گهرجي ته اهو بنا ضرورت نه پڇي.

## ڪهڙي جانور جي قرباني باعثِ فضيلت آهي؟

**سوال:** مون به گهيٽا پاليا هئا ۽ منهنجي نيت اها هئي ته مان انهن کي وڪڻي وڏو جانور خريد ڪندس پر هاڻي منهنجي دل چاهي ٿي ته مان انهن کي ئي ذبح ڪيان، اوهان منهنجي رهنمائي ڪيو ته انهن ٻنهي مان ڪهڙي شيءِ منهنجي لاءِ بهتر آهي؟

(ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو سوال)

**جواب:** قرباني جي جانور جي نيّت جا (ڪجهه) مسئلا (يعني شرعي احڪام) آهن، غريب جي لاءِ الڳ مسئلو آهي ۽ مالدار جي لاءِ الڳ. جيڪڏهن انهن جانورن جي قرباني ناهي ڪئي ته انهن کي وڪڻڻ ۾ حرج ناهي، توهان جي مرضي آهي انهن کي وڪڻي وڏو جانور وٺو يا نه وٺو. ها! هن ۾ بهتر ڇا آهي ته هن حوالي سان عرض آهي ته ٻانهو جيڪو جانور پاڻ پاليندو آهي ان سان اُلفت هوندي آهي بلڪ بعض اوقات جانور سان اولاد جيان پيار ٿي ويندو آهي، ان کي ذبح ڪرڻ نفس کي ڏکيو لڳندو آهي ۽ دل تي هڪ صدمي جي ڪيفيت هوندي آهي ائين انهيءَ پاليل جانور کي ذبح ڪرڻ ۾ وڌيڪ فضيلت نظر اچي رهي آهي. جيڪڏهن ان کي وڪڻيو ويندو ته اهڙي ڪيفيت ڪانه ٿيندي ڇوته نظرن مان غائب ٿي ويو هاڻي ذبح ٿي يا ٻيو ڪجهه به ٿي ايترو محسوس ڪونه ٿيندو. پڻ ان کي وڪڻي ٻيو جانور ورتو وڃي ته ان سان وڌيڪ اُلفت ۽ پيار نه ٿيندو ۽ ان کي ڪُهڻ سان نفس تي ايترو بار به ڪونه ٿيندو تنهنڪري جيڪو جانور پاڻ پاليو آهي انهيءَ کي ذبح ڪري.

## فوت ٿيل والدين جي نالي جي قرباني جو حڪم

**سوال:** جيڪڏهن والدين جو انتقال ٿي چڪو هجي ۽ انهن زندگي ۾ ڪڏهن بہ قرباني نہ ڪئي هجي تہ ڇا اولاد انهن جي نالي جي قرباني ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها! ايصالِ ثواب جي لاءِ قرباني ٿي سگهي ٿي هن ۾ ڪو حرج ناهي پڻ والدين جي طرفان قرباني ڪرڻ گهرجي اها سٺي ڳالهہ آهي. والدين زندگي ۾ قرباني ڪندا هئا يا نہ 100، 100 ٻڪرا زندگي ۾ ذبح ڪندا هئا تڏهن بہ ايصالِ ثواب جي لاءِ قرباني ڪرڻ ۾ حرج ناهي. پڻ زندهہ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ بہ قرباني ٿي سگهي ٿي.

## ڇا قرباني جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو؟

**سوال:** ڇا قرباني جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها! قرباني جي جانور کي وهنجاري سگهجي ٿو جڏهن تہ ضرورت هجي.

## ڇا قرباني جي قضا بہ ٿي سگهي ٿي؟

**سوال:** هڪ سال جي قرباني رهجي وڃي تہ ڇا اها قرباني ٻي سال ڪري سگهون ٿا؟ جيئن هن واري مون وٽ پيسا ناهن تہ قرباني منهنجي لاءِ معاف آهي يا ڪرٽي پوندي.؟

**جواب:** قرباني جا ڏينهن گذري ويا ۽ (واجب ٿيڻ جي صورت ۾) قرباني ڪانہ ڪئي نہ جانور ۽ ان جي قيمت صدقو ڪئي ايسيتائين جو ٻي عيدالاضحيٰ اچي وئي ۽ هاڻي هي چاهي ٿو تہ گذريل سال

جي قرباني جي قضا هن سال ڪري ته ائين نٿو ٿي سگهي بلڪ هاڻي به اهو ئي حڪم آهي ته جانور يا ان جي قيمت صدقو ڪري.
(فتاويٰ هنديه،5/297، 296)

## قرباني واجب هجي پر رقم نه هجي ته ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن قرباني جا شرائط پاتا وڃن پر پيسا نه هجن يا قرباني واجب ٿي نه هجي ته ڇا پوءِ به قرباني جو حڪم ٿيندو؟
(رڪن شوريٰ جو سوال)

**جواب:** جيڪڏهن قرباني واجب هجي پر پيسا نه هجن ته اوڌارا وٺي به قرباني ڪري سگهي ٿو يا ڪا اهڙي شيءِ وڪڻي رقم حاصل ڪري جنهن سان جانور خريدي سگهي. ياد رکو! قرباني جي لاءِ ضروري ناهي ته اڍائي لک وارو جانور ئي آندو وڃي بلڪ حصو به ملائي سگهجي ٿو جو اهو گهڻو مهانگو ناهي هوندو. بهرحال قرباني واجب هجي ته ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نه ڪئي ته پاڻهو گنهگار ٿيندو. ها! جيڪڏهن قرباني واجب ئي نه ٿي ۽ ان جي وجوب جا شرائط به نه پاتا ويا انهيءَ ڪري قرباني نه ڪئي ته اهو ڪو گناهه جو ڪم ناهي ڇوته قرباني واجب ئي نه هئي.

## قرباني جي جانور جي ڳچي ۾ گهنٽي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ٻَڌڻ جو حڪم

**سوال:** قرباني جي جانور جي ڳچي ۾ گهنٽي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ٻَڌڻ ڪيئن؟

**جواب:** قرباني جو جانور هجي يا بغير قرباني جو، ان جي ڳچي ۾ گهنٽي ٻَڌڻ اگر بنا ڪنهن ضرورت جي هجي ته مڪروهِ تنزيهي

يعني ناپسنديده عمل آهي.
جانور جي ڳچي ۾ گھنٽي يا پيرن ۾ گھنگرو ٻَڌڻ جي متعلق دارالافتاء اهلسنت جي نهايت پياري ۽ تحقيقي فتويٰ اها آهي ته ”جانورن جي ڳچي ۾ گھنٽي يا پيرن ۾ گھنگھرو ٻڌڻ سان جيڪڏهن ڪو فائدو آهي ته دارُالاسلام ۾ بلاڪراهت جائز آهي ۽ جيڪڏهن ڪو فائدو ناهي ته مڪروهہ تنزيهي يعني ناپسنديده آهي پر جائز هاڻي بہ آهي.“ ياد رهي! قربانين جون رونقون دارالاسلام ۾ هونديون آهن ته اِهو مسئلو بہ دَارُالاسلام جي متعلق آهي. جڏهن ته دارالحرب جون الڳ صورتون آهن. الحمدلله! پاڪستان دَارُالاسلام آهي ۽ ان ڪان علاوه بہ بيشمار ملڪ دارُالاسلام آهن جيتوڻيڪ انهن ۾ گھڻي تعداد ڪافرن جي هوندي آهي پر اهي دارالاسلام جي تعريف ۾ ايندا آهن. بهرحال اسان وٽ جانورن جي ڳچي ۾ جيڪا گھنٽي ٻڌي ويندي آهي اها جائز آهي ۽ فائدي جي نيت نہ هئڻ جي صورت ۾ مڪروهہ تنزيهي ۽ جيڪڏهن فائدي جي نيت آهي ته مڪروهِ تنزيهي بہ ناهي مثلاً هن نيت سان جانور جي ڳچي ۾ گھنٽي ٻڌي ته سفر ۾ گھنٽي جو آواز جانور جي چستي وڌائيندو ۽ اهو جلدي ڊوڙندو ته هن فائدي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ گھنٽي ٻَڌڻ مڪروهہ ناهي. انهيءَ طرح جيڪڏهن انهيءَ ڪري جانورن جي ڳچي ۾ گھنٽي ٻَڌي ته گدڙ وغيره جيڪو جانور حملو ڪرڻ ايندو اهو گھنٽي جي آواز سان ڀڄي ويندو ۽ ائين جانورن جي حفاظت ٿيندي ته اها بہ هڪ درست نيت آهي. ائين ئي جيڪڏهن انڪري گھنٽي ٻڌي ته اها ننڊ ختم ڪري ٿي ۽ هن سان سفر ۾ جانور جي ننڊ بہ ختم ٿيندي ۽ جيڪو ان تي سوار آهي ان جي بہ ننڊ ختم ٿيندي ته

ان نيت سان ٻـ ڳهنٽي ٻڌي سگهجي ٿي.

## جانورن جي ڳچي ۾ ڳهنٽي ۽
## پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌڻ جا فائدا

جانورن جي ڳچي ۾ ڳهنٽي يا پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي ٻيا بہ فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا مثال طور جانور گم ٿي ويو يا رَسو ڇنائي ڀڳو تہ خبر پئجي ويندي تہ جانور ڀڳو آهي ۽ ڪٿي پهتو آهي؟ يا وري چوري جو خوف آهي تہ جانور کي چور ڪاهي ويندا تہ جانور جي هلڻ سان ڳهنٽي جو آواز ايندو جنهن جي سبب ستل ماڻهو جاڳي چور کي پڪڙي وٺندا ۽ پنهنجي جانور کي بچائي وٺندا تہ انهن سيني فائدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جانور جي ڳچي ۾ ڳهنٽي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ٻَڌڻ جائز آهي.

## گهٽ عمر واري ٿلهي جانور جي قرباني جو حڪم

**سوال:** جيڪڏهن وڏو جانور ڏيڊ سال جو هجي پر ڏسڻ ۾ ٻـ سال جو لڳي تہ ڇا ان جي قرباني ٿي ويندي.؟

**جواب:** وڏي جانور (ڳئون، مينهن) جي عمر ٻـ سال هئڻ ضروري آهي جيڪڏهن ٻن سالن مان هڪ ڏينهن بہ گهٽ هوندو تہ قرباني نہ ٿيندي. البتہ گهيٽو يا رڍ اهو جيڪڏهن ڇهہ مهينن جو آهي ۽ پري کان ڏسڻ ۾ سڄي سال جو معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي قرباني جائز آهي، پر ٻڪري ۽ ٻڪريءَ ۾ ائين نہ ٿيندو اها رعايت صرف گهيٽي ۽ رڍ ۾ آهي ۽ اها بہ صرف ان وقت آهي جڏهن ڇهہ، ست يا اٺ مهينن جو ٻچو ايترو ٿلهو ۽ جاندار هجي جو سال جو لڳي نہ تہ ان

جي بہ قرباني ڪانہ ٿيندي يعني هاٽي چاهي ڇهہ، ست يا اٺ مهينن جو هجي پر ڪمزور هجي ۽ ننڍڙو لڳندو هجي تہ ان جي قرباني ڪانہ ٿيندي البتہ سال جو ٿيڻ ڪان پوءِ بہ ٻار لڳندو هجي تہ ڪو حرج ناهي قرباني ٿي ويندي هن شرط سان تہ ان ۾ ڪو ٻيو نقص نہ هجي.

(درمختار، ڪتاب الاضحيه،533/9ماخوذاً)

## جيترن ڄڻن تي قرباني واجب هجي انهن سڀني ڪي قرباني ڪرڻي پوندي.

سوال: گهر ۾ ڇهہ ڄڻا آهن جن تي قرباني واجب آهي جيڪڏهن انهن سڀني جي طرفان بہ يا ٽي قربانيون ڪيون وڃن تہ ڇا ڪافي ٿينديون يا ڇهہ ئي قربانيون ڪرڻيون پونديون.

جواب: ڇهہ قربانيون ڪرڻيون پونديون. ڪجهہ ماڻهو سڄي گهر جي طرفان صرف هڪ ٻڪرو قرباني ڪري ڇڏيندا آهن اهڙي طرح ڪنهن جي قرباني ناهي ٿيندي. هڪ ٻڪري ۾ هڪ ڪان وڌيڪ حصا نٿا ٿي سگهن. اهڙي موقعي تي وڏو جانور ورتو وڃي تہ اهو ستن ڄڻن جي طرفان قربان ڪري سگهجي ٿو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❊ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❊ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net